# آزمائش جون حڪمتون

18-November-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

18نومبر، 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# آزمائش جون حڪمتون

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ

✿...زندگي سراسر امتحان ۽ آزمائش آهي

✿...”الله پاڪ آزمائش فرمائي ٿو“ ان جو مطلب...!

✿...آزمائش جون 3 قسمون ۽ ان ۾ ڪاميابي جا طريقا

✿...30 سالن کان بعد بدنگاهي جي سزا ملي... (واقعو)

پيشڪش

**مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف

**(ترجمو:مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا اسلامي ڀائرو! نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف جي معني آهي: مون سنت اعتڪاف جي نيت ڪئي. نيت دل جي ارادي کي چئبو آهي، جڏهن بہ مسجد ۾ حاضري جي سعادت ملي، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت بہ ڪري ونو! توري توجهه جي ضرورت آهي، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! گهڻو ثواب هٿ ايندو، ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي يا آبِ زم زم پيئڻ وغيره شرعاً جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا تہ ضمناً اهي ڪمَ بہ جائِز ٿي ويندا.**

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**حضرت عَبدُالرَّحمٰن بن عَوف رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي: هڪ ڏينهن نبين جا سردار، مديني جا تاجدارصَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي گهران ٻاهر نڪتا ۽ هڪ باغ ڏانهن رُخ ڪيائون، حضرت عَبدُالرَّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ ڏسي سندن پويان پويان هلڻ لڳا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم باغ ۾ داخِل ٿيا، قبلي ڏانهن منهن ڪيو ۽ مٿو سجدي ۾ رکيائون، حضرت عَبدُالرَّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ پري بيهي ڏسندا رهيا، فرمائن ٿا: بيڪسن جي مددگار، سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تمام ڊگهو**

سجدو ڪيو، ايستائين جو مون کي خوف ٿيڻ لڳو تہ ڪٿي سجدي ئي جي حالت ۾ الله پاڪ رُوح مُبَارَڪ قبض نہ ڪري ورتو هجي، اهو خيال ايندي ئي مان اڳتي وڌيس، منهنجي قدمن جو آواز ٻُڌي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم مٿو مُبَارَڪ کڻي پڇيو: ڪير آهي؟ مون عرض ڪيو: حُضُور! عَبدُالرَّحمٰن. فرمايائون: ڪهڙو ڪم آهي؟ مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم! اوهان ايترو ڊگهو سجدو ڪيو، مون کي خوف ٿيڻ لڳو تہ ڪٿي الله پاڪ سجدي ئي ۾ رُوح مُبَارَڪ قبض نہ ڪري ورتو هجي.

سچي عاشق جي محبت ڀري ڳالهہ ٻڌي الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي، مُحَمَّد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جن ڊگهي سجدي جي حڪمت بيان ڪندي فرمايو: مون وٽ جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام حاضِر ٿي ٻڌايو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ فرمائي ٿو: اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم! جيڪو اوهان تي درود پڙهندو، مان ان تي رحمتون نازِل ڪندس، جيڪو اوهان تي سلام موڪليندو، مان ان تي سلامتي موڪليندس. ان نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ مون ايترو ڊگهو سجدو ڪيو.[1]

اَللّٰهُ اَڪْبَرْ! اي عاشقانِ رسول! غور ڪيو! ۞ دُرود ڪنهن کي پڙهڻو آهي؟ اُمَّتي کي ۞ رحمت ڪنهن تي لهندي؟ اُمَّتي تي ۞ سلام ڪير موڪليندو آهي؟ اُمَّتي ۞ الله ڪريم جي سلامتي ڪنهن تي لهندي؟ اُمَّتي تي ۞ ۽ سجدهءِ شڪر ڪير ادا ڪري رهيو آهي؟ اُمَّت جو غم رکندڙ، شفاعت فرمائيندڙ، اُمَّت کي بخشرائيندڙ، جَنَّت ۾ پهچائيندڙ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم...! سُبْحٰنَ اللّٰه! اندازو ڪيو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي اُمَّت سان ڪيترو پيار آهي. الله! الله! اُمَّت گُناهہ ڪري، آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم راتيون روئي گُذارين، اُمَّت کي نعمت ملي، آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم شڪر جا سجدا

[1]...مسندِ اَحْمَد، جلد:1، صفحہ:191، حديث:1664۔

ڪن. اَعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جا ڀاء مولانا حسن رضا خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه لکن ٿا:

تم کو تو غلاموں سے ہے کچھ ایسی محبت | ہے ترکِ ادب ! ورنہ کہیں ہم پہ فدا ہو[1]

**وضاحت:**يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان کي پنهنجي غلامن سان ايتري مَحبَّت آهي، اهو ادب نہ آهي نہ تہ اسان چئون تہ اوهان پنهنجي غلامن تي فِدا آهيو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّیَّات عملن جو دارومدار نيت تي آهي.[2]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** چڱي نيت ماڻهو کي جنّت ۾ پهنچائي ڇڏي ٿي. تنهنڪري بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونو! مثال طور نيت ڪريو! ۞ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ بيان ٻڌندس ۞ عِلَم دين سکندس ۞ سچو بيان ٻڌندس ۞ ادب سان ويهندس ۞ نصيحت حاصل ڪندس ۞ احمد مجتبيٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو ٻُڌي ڪري درودِ پاڪ پڙهندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## زندگي سراسرا امتحان ۽ آزمائش آهي

سيپاري: 17، سورت انبياء، آيت: 35 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

[1]...ذوق نعت، ص211 ـ

[2]...بخاری، کتاب:بَدءُ الوَحی، صفحہ:65، حدیث:1ـ

كُلُّ نَفۡسٍ ذَآئِقَةُ الۡمَوۡتِ ؕ وَنَبۡلُوۡكُمۡ بِالشَّرِّ وَالۡخَيۡرِ فِتۡنَةً ؕ وَاِلَيۡنَا تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۳۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: هر ساهه کي موت جو مزو چکڻو آهي ۽ اسان توهان کي آزمائيندا آهيون برائيءَ ۽ ڀلائي سان جانچڻ جي لاءِ. ۽ اسان ڏانهن ئي توهان کي موٽي اچڻو آهي.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن آيت سڳوري ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هن دُنيا ۾ اسان جي ڪُل زِندگي امتحان ۽ آزمائش آهي. اسان کي هن دُنيا ۾ مسلسل آزمايو ويندو، انهيءَ امتحانن مان گذرندي گذرندي نيٺ اسان کي موت اچي ويندو ۽ اسان الله پاڪ ڏانهن موٽي ويندا سين.

يہ آتی جاتی ہوئی سانسیں زِندگی کے لئے | اِک امتحان مسلسل ہے آدمی کے لئے

## آزمائش ڇا کي چئبو آهي...؟

هن آيت ۾ لفظ ”نَبۡلُوۡ“ استعمال ٿيو: هن لفظ جي معنيٰ بيان ڪندي مشهور مفسر قرآن، حڪيم الامّت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: آزمائڻ، جانچڻ، پرکڻ ۽ امتحان وٺڻ کي اِبتِلا چئبو آهي، لهٰذا ان جي معنيٰ اها آهي ته اسان توهان جو اِمتحان وٺنداسين يا توهان مان کرو کوٽو ظاهر ڪنداسين.(1) هتان اِهو بہ ظاهر ٿي ويو تہ اَصل ۾ امتحان جو مقام دُنيا آهي، اهي جيڪي ماڻهو چوندا وتندا آهن ته **”مولانا! چو قبر ۽ آخرت کان ڊيڄاريو ٿا؟ جيڪو ٿيندو ڏٺو ويندو“** اهڙن نادانن کي سمجهڻ گهرجي تہ ڏسڻ، سوچڻ، سمجهڻ ۽ عَمَل ڪرڻ جو مقام دُنيا آهي، هتي ئي ڏٺو ويندو، قبر ۽ آخرت

---

[1]...تفسير نعيمی، پاره:2، سورۂ بقره، هيٺ آيت:156، جلد:2، صفحہ:95۔

رزلٽ نڪرڻ جو مقام آهي ۽ رزلٽ ڪي صِرف منهن ڏيٺو پوندو آهي، رزلٽ سنو هجي يا بُرو هجي، ان کي قبول ئي ڪرڻو پوندو آهي. لهٰذا:

پیشتر مرنے سے کرنا چاہئے | موت کا سامان آخِر موت ہے

ڊاڪٽر اقبال چوي ٿو:

یہ گھڑی محشر کی ہے، تُو عرصۂ محشر میں ہے | پیش کر غافِل عمل کوئی اگر دفتر میں ہے

مطلب: اسان جيستائين دُنيا ۾ آهيون، اسان جو اِمتحان ٿي رهيو آهي، ڇڻ اسان امتحان واري ڪمري ۾ آهيون، اسان کي هاڻي ڏسڻو آهي، هاڻي سوچڻو، سمجهڻو ۽ عَمَل ڪرڻو آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي دُنيا ۽ آخرت جي تمام امتحانن ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

نہ نامے میں عبادت ہے، نہ پلے کچھ ریاضت ہے | اِلٰہی! مغفرت فرما ہماری اپنی رحمت سے

اِلٰہی! واسطہ دیتا ہوں میں میٹھے مدینے کا | بچادُنیا کی آفت سے، بچاعقبیٰ کی آفت سے[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## "الله پاڪ آزمائش فرمائي ٿو" ان جو مطلب...!!

هتي هڪ ڳالهه کي چڱي طرح ذِهن ۾ ويهارڻ گهرجي اها هي ته الله پاڪ سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو، الله پاڪ کي آزمائڻ جي، جانچڻ جي، پرکڻ جي ڪا حاجت ناهي، البت هن دُنيا ۾ امتحان ورتا ويندا آهن، آزمائش ڪئي ويندي آهي ۽ انهن امتحانن جي ذريعي اسان جي ڪردار جو، اسان جي قابليت جو اِظهار

[1] وسائِلِ بخشش، صفحه:403۔

ڪيو ويندو آهي. مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: امتحان هميشہ عِلم جي لاءِ ناهي ٿيندو، امتحان مان ڪڏهن پاڻ امتحان ڏيڻ واري کي اهو ٻڌائڻ منظور هوندو آهي (تہ هو ڪهڙي درجي جو ماڻهو آهي، ان ۾ ڪيتري قابليت آهي) ۽ ڪڏهن ٻين کي (ٻڌائڻ مقصد هوندو آهي تہ ڏسو! اسان جو هيءُ ماڻهو ڪيتري وڏي رُتبي وارو آهي، ڪيئن سخت امتحان ۾ ڪامياب ٿي ويو). جيڪڏهن بغير امتحان جي انعام ورهائجن ۽ ڪنهن کي معمولي ۽ ڪنهن کي وڏو انعام ڏيون ۽ ڪنهن کي بلڪل محروم رکون تہ يقيناً سيني کي شڪايت ٿيندي، لهٰذا هن دُنيا ۾ امتحان ورتا ويندا آهن تہ جيڪو امتحان ۾ جيترو سٺي طريقي سان پاس ٿيندو، ان کي اوترو وڏو انعام ڏنو ويندو. ڏسو! حضرت امام حُسَينرَضِيَ اللهُ عَنْهُ جنّتي نوجوانن جا سردار آهن، ان تي ڪو اعتراض نٿو ٿي سگهي (تہ انهن کي ايترو بلند رُتبو ڇو ڏنو ويو) ڇوتہ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ دُنيا ۾ صابِرين (يعني صبر ڪرڻ وارن) جا بہ سردار آهن.[1] خبر پئي تہ الله پاڪ جو پنهنجي ٻانهن جو امتحان وٺڻ پنهنجي عِلم جي لاءِ ناهي بلڪ انسان جي قابليت ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ٿيندو آهي.

قُلزُمِ ہستی سے تُو اُبھرا ہے مانندِ حباب | اس زیاں خانے میں تیرا اِمتحاں ہے زندگی

مطلب: اهو تہ انسان مٽي جو هڪ پُتلو آهي، ان جي حيثيت سمنڊ ۾ بلبلي(پاڻي جي ڦوٽي) جيان آهي ۽ دُنيا (جتي انسان رهي ٿو، اها) نقصان جو گهر آهي، هتي انسان جو مسلسل امتحان ورتو ويندو آهي ۽ هنن امتحانن جي ذريعي انسان کي بلبلي مان سمنڊ ڪيو ويندو آهي، يعني بلند مقام عطا ڪيو ويندو آهي.

ضرور کچھ تو بنائے گی زندگی مجھ کو | قدم قدم پہ مرا امتحان لیتی ہے

[1]…تفسير نعيمى، پاره:2، سورهٔ بقره، هيٹ آيت:155، جلد:2، صفحہ:100 بتغير قليل۔

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## امتحان جون قسمون ۽ ڪاميابي جا طريقا

اسان وٽ عام طور تي مشڪل، پريشاني، بيماري، تنگ دستي ۽ غربت وغيره کي ئي آزمائش چيو ويندو آهي پر حقيقت ۾ ايئن نہ آهي، قرآنِ ڪريم کي غور سان سمجهي پڙهيو وڃي تہ خبر پوندي آهي تہ دُنيا جي هن زِندگي ۾ ڪامياب ٿيڻ جي لاءِ اسان کي جن آزمائشن مان گذرڻو پوندو آهي، انهن آزمائشن کي 3 قسمن ۾ ورهايو ويو آهي:

(1): شرعِي اَحڪام (2): خُوشيون ۽ نعمتون (۳):مشڪلاتون، مصيبت ۽ پريشانيون

## (1): شَرعِي اَحڪام جي ذريعي آزمائش جو بيان

**شرعِي احڪام**: هي بہ آزمائش آهن ۞ اسان تي روزانو 5 نمازون فرض آهن ۞رمضان المبارڪ جا روزا فرض آهن ۞ شرط لڌا وڃن تہ زڪوٰة فرض ٿيندي آهي ۞شرط پورا هجن تہ حج فرض ٿيندو آهي ۞ والدين جي خِدمت ۞رشتيدارن سان نيڪ سلوڪ ۞ شراب کان بچڻ ۞ جُوا کان بچڻ ۞ وياج ۞ رشوت وغيره کان بچڻ، مطلب جيترا شرعي اَحڪام آهن، انهن سڀني جي ذريعي اسان کي آزمايو ويندو آهي، پرکيو ويندو آهي، امتحان ٿيندو آهي تہ ڪير الله پاڪ جا اَحڪام تمام گهڻي فرمانبرداري سان مڃي ٿو ۽ ڪير عقل جا گهوڙا ڊوڙائي ٿو، ڪير نفس ۽ شيطان جي ڳالهہ مڃي الله پاڪ جي نافرماني ڪري ٿو، ڪير مال ۽ دولت جي لالچ ۾ الله پاڪ کي وساري ٿو، پنهنجي گناهن تي آڪڙجي ٿو، ڪير آهي جيڪو جنّت جي بدلي جهنّم خريدي ٿو؟ سيپاري: 29، سورت ملڪ، آيت:2 ۾ ارشاد آهي:

اَلَّذِیۡ خَلَقَ الۡمَوۡتَ وَ الۡحَیٰوۃَ لِیَبۡلُوَکُمۡ | ترجمو ڪنزالايمان: اهو جنهن

| | |
|---|---|
| موت ۽ زندگي کي پيدا ڪيو تہ جيئن توهان جي آزمائش ٿئي. | (پاره:29، سورۂ ملک: 2) |

هتي الله پاڪ زِندگي ۽ موت پيدا ڪرڻ جي حڪمت بيان فرمائي تہ زِندگي ۽ موت کي ان ڪري پيدا ڪيو ويو تہ جيئن توهان جي آزمائش ٿئي، توهان کي پرکيو وڃي. ڪهڙي آزمائش هوندي؟ ڪهڙي جانچ ڪئي ويندي؟ فرمايو:

| | |
|---|---|
| ترجمو ڪنزالايمان: توهان مان ڪنهنجو عمل وڌيڪ سٺو آهي. | اَیُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ (پاره:29، سورۂ ملک: 2) |

حضرت اِبنِ عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم سورت مُلڪ جي تِلاوت فرمائي جڏهن هن آيت سڳوري تي پهتا تہ فرمايائون: اها جانچ ٿيندي تہ ڪير الله پاڪ جي حرام ڪيل شين کان وڌيڪ بچي ٿو ۽ ڪير الله پاڪ جي اَحڪامن تي عمل ڪرڻ ۾ وڌيڪ جلدي ڪرڻ وارو آهي.[1]

## صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي آزمائش جو واقعو

6 هجري جو واقعو آهي، اُن سال صحابي سڳورا رَضِیَ اللہُ عَنْہُمْ عمري جي نيت سان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ مڪي شريف روانا ٿيا، مڪي پاڪ ۾ ان وقت تائين ڪافِرن جي حڪومت هئي، لهٰذا صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُمْ کي حُدَيبِيہ نالي هنڌ تي رُڪڻو پيو، نيٺ ڪافِرن سان هڪ مُعَاهدو ڪيو ويو جنهن کي صُلح حُدَيبِيہ چيو ويندو آهي.

ان موقعي تي صحابي سڳورن رَضِیَ اللہُ عَنْہُمْ جو امتحان ورتو ويو، شريعت جو حڪم آهي تہ جڏهن احرام ٻڌل هجي، ان وقت خشڪي جي جانورن کي مارڻ، انهن جو شڪار ڪرڻ حرام آهي. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُمْ جيئن تہ عمري جي

[1] ...تفسير قرطبى، پاره:29، سورۂ ملک، هيٺ آيت:2، جلد:9، صفحه:135۔

نيت رکندا ها، اِحرام ٻڌل هئا، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمۡ ۾ ڪيئي اهي هئا جو شڪار ڪرڻ انهن جي معمولات جو حِصّو هو، ڪجهہ صحابي سڳورا تہ شِڪار جو شوق بہ رکندا هئا، هاڻي ان حالت ۾ الله پاڪ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمۡ جو امتحان ورتو، شِڪار ڪيا ويندڙ جانور، چرند، پرند مثال طور هرڻ وغيره ڪثرت سان صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمۡ جي سوارين جي ويجهو اچي ويا، بلڪ خيمن جي اندر تائين گهڙي ويا، ان وقت ايتري ڪثرت سان جانور آيا جو صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمۡ فرمائن ٿا: ان جانورن جو هٿ سان شِڪار ڪرڻ بلڪ بنا هٿيار جي صِرف هٿ سان پڪڙڻ بہ بلڪل اختيار ۾ هو.

هاڻي ٿورو غور ڪيو! انسان کي جنهن ڪم جو شوق هجي يا جيڪو ڪم اُن جي معمولات جو حِصّو هجي، ان ڪم کان منع ڪيو وڃي ۽ گڏوگڏ ان ڪم جا ڪوڙ اسباب بہ مهيا ڪيا وڃن، ان حالت ۾ اُن ڪم کان رُڪجي وڃڻ ڪيتري قدر مشڪل هوندو آهي...!! اسان وٽ ماڻهو ڊاڪٽر جي منع ڪرڻ باوُجُود برگر، پيزا، سگريٽ، چانهہ، ڪافِي وغيره نٿا ڇڏي سگهن پر صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمۡ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري تي، انهن جي ڪامِل ايمان تي قربان ٿجي! انهن جانورن جو شِڪار ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمۡ انهن جانورن کي غور سان بہ نہ ڏٺو ۽ قُدرت جي ان امتحان ۾ پُوري طرح ڪامياب ٿيا.[1]

اهو آهي امتحان! اها آهي آزمائش...! شرعِي اَحڪامن جي ذريعي اسان جي بہ آزمائش آهي، ۞ هڪ پاسي مٺي ننڊ آهي، ٻي پاسي فجر جي نماز آهي، آزمائش آهي تہ ڪير ننڊ قربان ڪري ٿو ۽ ڪير فجر جي نماز جي سَعَادت کان محروم رهي ٿو ۞ هڪ طرف ڪاروبار آهي، ٻي طرف فرض نمازون آهن ۞ هڪ طرف ڪم ڪار آهن، خواهشون آهن، ٻي پاسي رمضان جا روزا آهن ۞ هڪ طرف دُنياوي عيش ۽ عِشرت آهي، ٻي طرف حج آهي ۞ هڪ طرف

[1]... تفسير نعيمى، پاره: 7،سورهٔ مائده، هيث آيت:94، جلد:7، صفحه:70 -71 خُلاصةً۔

فيشن پرستي آهي، ٻي طرف سُنَّتِ مصطفيٰ آهي، هاڻي آزمائش آهي، ڏٺو ويندو آهي تہ ڪير اللّٰہ پاڪ جي اَحڪامن اڳيان ڪنڌ جهڪائي ٿو، ڪير سُنَّتِ مصطفيٰ اپنائي ٿو ۽ ڪير آهي جيڪو عارضي دُنيا جي رنگينين ۾ گم ٿي پنهنجي آخرت داؤ تي لڳائي ٿو.

صُوفي سڳورا فرمائن ٿا: اسان جي عضوئن تي، اسان جي اک تي، اسان جي زبان تي، اسان جي هٿن تي، اسان جي سڄي وُجُود تي، اسان جي مال ۽ دولت تي، مطلب اسان جي هر شيء تي شريعت جو ڪنٽرول آهي، جيڪو شريعت جي حَدن کي ٽوڙيندو آهي، قيامت جي ڏينهن ان کي دَردناڪ عذاب سهڻو پوندو.[1]

سرڪارِ بغداد، حُضُور غوثِ پاڪ شيخ عبد القادِر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ''اِمۡشِ تَحۡتَ ظِلِّ كِتَابِ اللّٰهِ وَ سُنَّةِ رَسُولِهٖ قَدۡ اَفۡلَحۡتَ'' اللّٰہ پاڪ جي ڪتاب (قرآنِ مجيد) ۽ سُنَّتِ مصطفيٰ جي ڇانوَ ۾ زندگي گذاريو...! ڪامياب ٿي ويندؤ.[2]

## شرعِي اَحڪامَ واري آزمائش ۾ ڪاميابي جو طريقو

اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو شرعِي اَحڪام ۾ بہ اسان جو امتحان آهي ۽ هن امتحان ۾ ڪاميابي جي صِرف هڪ ئي صُورت آهي، اها هي تہ انسان پابندي سان شرعِي اَحڪامن تي عَمَل ڪري.

هميشہ ياد رکو! دُنيا ۾ شَرعِي اَحڪام جي ذريعي جيڪا اسان جي آزمائش ڪئي پئي وڃي، اها آزمائش زِندگي جي آخري پساهن تائين جاري رهندي. جيڪو شخص بالغ آهي ۽ ان جو عقل سلامت آهي، اهو ڪنهن وقت بہ شريعت جي پهريداري کان آزاد نٿو ٿي سگهي، جيڪڏهن ڪو عُذر آهي، ڪا مجبوري آهي تہ شريعت ان کي رعايت ڏيندي آهي ۞ جيڪو بيهي نماز پڙهڻ جي طاقت

[1] ...تفسير نعيمی، پاره:7، سورهٔ مائده، تحت آيت:94، جلد:7، صفحه:77۔
[2] ...فتح الرَّبَّانی، صفحه:29۔

نتو رڪي، اهو ويهي پڙهي ۞ جيڪو ويهي نتو پڙهي سگهي، ليٽي نماز پڙهي ۞ جيڪو چري نتو سگهي، اهو اشاري سان پڙهي، البت نماز پڙهڻي ضرور پوندي ۞ جيڪو گهڻو بيمار آهي، روزو رکڻ جي طاقت نتو رکي، اهو فِي الوقت روزو نہ رکي پر بعد ۾ اُن جي قضا ڪرڻي پوندي. مطلب: جيستائين ساهہ هلي رهيو آهي ۽ عقل سلامت آهي، شرعِي اَحڪام کان آجو ٿيڻ جي ڪا صُورت نہ آهي. اللہ پاڪ فرمائي ٿو:

وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ۠ (۹۹)

(پاره:14، سورة حجر:99)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ موت اچڻ تائين پنهنجي رب جي عبادت ڪندو رهہ.

اسلام جي ٻئي خليفي اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو واقعو مشهور آهي، جڏهن سندن مٿان قاتلاڻو حملو ڪيو ويو تہ سندن رت تمام گهڻو وهي ويو هو، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تي بيهوشي طارِي هئي، جڏهن بيهوشي ختم ٿئي تہ فرمايائون: ڇا ماڻهن نماز ادا ڪري ورتي؟ ٻڌايو ويو: جي ادا ڪري ورتي. فرمايائون:"لَا اِسْلَامَ لِمَنْ تَرَكَ الصَّلَاةَ" يعني جيڪو نماز ڇڏي اهو حقيقي مسلمان ئي نہ آهي. پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وُضُو ڪيو ۽ نمازِ فجر ادا فرمائي.[1]

## شرعِي اَحڪام تي عمل ڪرڻ جو هڪ فائِدو

شاهہ وَليُ اللہ مُحَدِّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اللہ پاڪ انسان ۾ ٻہ قُوَّتون رکيون آهن: (1):قُوَّتِ بَهيمِيہ (يعني جانورن واري وَصف) (2): ۽ قُوَّتِ مَلَڪيہ (يعني ملائڪن واري وَصف). انسان ۾ انهن ٻنهي قُوَّتن جو موجود هجڻ يا ڪٽي ايئن چئجي تہ پاڻ انسان جو پنهنجو وُجُود ئي هن ڳالهہ جي تقاضا ڪري ٿو تہ انسان تي شرعِي اَحڪام لازِم ڪيا وڃن تہ جيئن اللہ پاڪ جيڪو انسان جو خالِق

[1]…فيضانِ فاروقِ اعظم، جلد:1، صفحہ:761۔

آهي، انسان کي چڱي نموني سجاڻي ٿو، انسان جي صلاحيتن کي جاڳي ٿو، ان الله پاڪ جي ڏنل اَحڪامن تي عَمَل ڪري انسان ملائڪ جي صِفَّت وارو بڻجي وڃي ٿو جن ڪمن کان الله پاڪ منع فرمايو آهي، اُنهن ڪمن کان پاسو ڪري انسان جانورن واري ڪم کان، حيوانيت کان، وحشيت کان بچي وڃي.[1]

مَعلُوم ٿيو جيڪڏهن اسان شريعت جي اَحڪامن تي واقعي عَمَل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون ته ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اسان حقيقي معنيٰ ۾ انسان بڻجي وينداسين، حيوانيت، وَحشِياڻي حالت جيڪا اڄڪلھ ڪيئي معاشرن ۾ زُور پڪڙي رهي آهي، ان کان نجات ملي ويندي. دُنيا جو سَروي ڪري ڏسو! اهي مُعَاشَرا جتي اسلامي نظام نہ آهي، جتي اسلامي اَحڪام نافِذ نہ آهن، جيڪي ماڻهو شَرعِي اَحڪامن کي نٿا مڃن، يا مڃن ته ٿا پر انهن تي عمل نٿا ڪن، اتي گمراهي، بُريون عادتون، بُرا طَور طريقا عام آهن، اتي جُرم ۽ اهي بہ تمام گهٽيا جرم عام آهن، روزانو خبرون اينديون رهن ٿيون: فلاڻي ملڪ ۾ 10 سالہ چوڪري بنا مڙس جي ماءُ بڻجي وئي، فلاڻي ملڪ ۾ چورين جو تعداد هيترو فيصد وڌي ويو، فلاڻي ملڪ ۾ خودڪشي، قتل، لٽ مار جي شرح ايتري فيصد وڌي وئي. اهي خبرون اسان ٻڌندا رهون ٿا، اهو سڀ ڇا آهي؟ حيوانيت آهي، وحشياڻي حالت آهي ٻيو ڇا آهي، اهو انسان جو انسانيت جي درجي کان ڪِرڻ آهي ۽ اهو ڇو آهي؟ ان ڪري جو انهن معاشرن ۾ شَرعِي اَحڪام نافِذ نہ آهن، اهڙي طرح اهي معاشرا جتي شرعِي اَحڪامن کي مڃيو تہ ويندو آهي پر عِلمِ دين کان دُوري جي ڪري ماڻهو دِين کان بيزار نظر اچن ٿا، دِين تي، شرعِي اَحڪامن تي عَمَل نٿا ڪن اتي بہ اهڙا واقعا هر ايندڙ ڏينهن ٿيندا رهن ٿا، ڪڏهن ننڍڙين ٻارڙين کي حيوانيت جو نشانو بڻائي قتل ڪيو ويندو آهي، ڪڏهن ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين جهڙين نياڻين کي پريشر ڪڪر ۾

---

[1]…حجۃ اللہ البالغہ، جلد:1، صفحہ:42 خلاصۃً۔

وجهي معاذ الله! باھ تي رکيو ويندو آھي. اِھو سڀ حيوانيت ۽ وحشياڻي حالت صِرف ۽ صِرف شرعِي اَحڪامن تي عمل نہ ڪرڻ جي ڪري آھي. جيڪڏھن انسان پنھنجي ذات تي پُوري طرح شرعِي احڪام کي نافِذ ڪري وٺي تہ اھا درندگي، اھو جانورن وارو ورتاءُ سڀ ختم ٿي ويندو ۽ انسان ملائڪ صِفَت بڻجي ويندو.

الله پاڪ اسان سڀني کي حقيقي معنيٰ ۾ شرعِي اَحڪام تي عَمَل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

ھر کام شریعت کے مطابق میں کروں کاش! | یاربّ! تُو مبلغ مجھے سُنَّت کا بنا دے[1]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2): نعمتن جي ذريعي آزمائش جو بيان

اي عاشقانِ رسول! ھن دُنيا ۾ اسان جن آزمائشن مان گذرون ٿا، انهن جي ٻي قسم آھي: مختلف نعمتون. عام طور تي مصيبت کي، پريشاني کي، تنگدستي ۽ غربت کي، بيماري کي، عزيز رشتيدارن جي موت وغيره کي ئي آزمائش سمجهيو ويندو آھي پر قرآنِ ڪريم ۾ غور ڪرڻ سان خبر پئي ٿي تہ آزمائش صِرف مصيبت ۽ پريشاني ۾ نہ آھي، نعمت ملڻ بہ ھڪ آزمائش آھي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَنَبۡلُوۡكُمۡ بِالشَّرِّ وَالۡخَيۡرِ فِتۡنَةً ؕ
(پاره:17، سورۀ انبيا:35)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اسان توھان کي آزمائيندا آھيون برائيءَ ۽ ڀلائي سان جانچڻ جي لاءِ.

معلوم ٿيو انسان کي صِرف بُرائي (مثال طور ڏُک، دَرد، غم ۽ پريشاني) ئي سان ناھي آزمايو ويندو بلڪ ڀلائي (مثال طور: راحت، تندرستي، نعمت، دولت ڏئي

[1]...وسائِلِ بخشش، صفحہ:115۔

۽ آزمايو ويندو آهي.

## حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جو حڪمت ڀريو فرمان

الله پاڪ جي نبي، حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جو واقعو وڏو مشهور آهي، جڏهن ملڪ بلقيس حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي خِدمت ۾ حاضِري لاءِ يَمَن کان روانو ٿيون، حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي درٻارِ عالي کان ڪجھ فاصلي تي هيون، حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي درٻارين کي فرمايو:

| | |
|---|---|
| اَيُّكُمْ يَاْتِيْنِيْ بِعَرْشِهَا قَبْلَ اَنْ يَّاْتُوْنِيْ مُسْلِمِيْنَ ﴿۳۸﴾ (پاره:19، سورۀ نمل:38) | ترجمو ڪنزالايمان: اي درٻارِيو! توهان مان ڪير آهي جيڪو ان جو تخت مون وٽ کڻي اچي، ان کان اڳ ۾ جو اهي مون وٽ فرمانبردار ٿي ڪري حاضر ٿين. |

هڪ وڏي طاقتور جِنّ چيو: حضور! مان اهو تخت حاضر ڪندس ۽ اوهان جي درٻار جو وقت ختم ٿيڻ کان پهريان پهريان کڻي ايندس. فرمايائون: مان اُن کان ٻه جلدي چاهيان ٿو. هاڻي حضرت آصف بن برخيا رَحْمَةُاللهِعَلَيْه عرض ڪيو:

| | |
|---|---|
| اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ؕ (پاره:19، سورۀ نمل، آيت:40) | ترجمو ڪنزالعرفان: مان ان کي اوهان جي بارگاھ ۾ اوهان جي اک ڇنڀڻ کان اڳ ۾ کڻي ايندس. |

واقعي اک ڇنڀڻ ئي جي دير لڳي ۽ حضرت آصف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيئي ميل پري، ست ڪمرن اندر رکيل تخت حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاھ ۾ حاضِر ڪري ڇڏيو، ان وقت حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو:

| | |
|---|---|
| هٰذَا مِنْ فَضْلِ رَبِّيْ ۖ (پاره:19، سورۀ نمل، آيت:40) | ترجمو ڪنزالايمان: اهو منهنجي ربّ جي فضل سان آهي. |

۽ الله پاڪ اهو انعام ڇو بخشيو، اهو فضل ڇو فرمايو، ان جي حڪمت بيان ڪندي حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو:[1]

| | |
|---|---|
| لِيَبْلُوَنِيٓ ءَاَشْكُرُ اَمْ اَكْفُرُ ؕ<br>(پاره:19، سورة نمل، آيت:40) | ترجمو ڪنزالايمان: تہ جيئن مون کي آزمائي تہ مان شڪر ڪريان ٿو يا ناشڪري؟ |

معلوم ٿيو اِنعامات جي ذريعي، نعمتون ڏئي، خوشيون ڏئي، مال ۽ دولت ڏئي بہ آزمايو ويندو آهي ۽ هن ۾ آزمائش ڪهڙي آهي؟ اهو ڏٺو ويندو آهي تہ ٻانهو شڪر گذار بڻجي ٿو يا ناشڪري ڪري ٿو، ڪير آهي جيڪو نعمتون ملڻ تي فخر ۽ غرور ۽ تَڪبُّر جو شِڪار ٿي وڃي ٿو ۽ ڪير آهي جيڪو عاجزي ۽ انڪساري ڪري ٿو، ڪير آهي جيڪو نعمتن کي پنهنجي طاقت ۽ قُوَّت ۽ محنت جو نتيجو قرار ڏئي ٿو ۽ ڪير ان نعمتن کي صرف الله پاڪ جو فضل سمجهي ٿو. اها آهي آزمائش.!

## نعمتن جي ڪثرت باغي بڻائي ڇڏي ٿي

عام طَور تي جيڪا شڪوه شڪايت ڪئي ويندي آهي اها مصيبت ۽ پريشاني واري آزمائش تي ڪئي ويندي آهي پر حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ اَصل آزمائش نعمتون ملڻ آهي ڇوتہ نعمتن جي ڪثرت، مال ۽ دولت جي ڪثرت، عِزت، شهرت، مقام ۽ مرتبو، خوشحالي، اهي تمام شيون عام طور تي انسان کي سرڪش باغي بڻائي ڇڏين ٿيون يا گهٽ ۾ گهٽ غفلت جو سبب بڻائن ٿيون ۽ انسان ڏينهو ڏينهن راهِ حق کان پري ٿيندو ويندو آهي ۽ ڪجهہ نادان تہ اهي بہ آهن جيڪي نعمتن جي ڪثرت، خوشحالي ۽ مقام ۽ مرتبي جي ڪري غرور ۽ تَڪبُّر جي اهڙي ڪڏ ۾ ڪرندا آهن جو هميشہ جي لاءِ ذليل ۽ رُسوا ٿي ويندا آهن. ڏسو! ۞فرعون کي آزمايو ويو هو، ڪيئن؟ تاج ۽ تخت ۽

1...واقعي جي تفصيل جي لاءِ ڏسو: تفسير صراط الجنان، جلد:7، صفحہ:200 تا 205۔

حڪومت ڏئي پر هو بدبخت باغي نڪتو ۽ خُدائي جي دعويٰ ڪرڻ لڳو ۞ نمرود کي بہ آزمايو ويو هو ۞يزيد کي بہ آزمايو ويو هو، انهن بدبختن ان نعمتن جو شُڪر ادا نہ ڪيو ۽ باغي ٿي ويا. مولانا رُوم رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا:

نَفْسِ کس را فِرعَون نیست | لیکـ اُو را عَوَن کس را عَوَن نیست

يعني: ڪير آهي جنهن جو نفسِ اَمَّاره فِرعَون نہ آهي، ها! مِصر جي فرعون کي تاج ۽ تخت ڏنو ويو هو، هر هڪ کي تاج ۽ تخت ناهي ملندو.

مطلب اهو تہ جيڪڏهن اسان جهڙي عام انسانن کي بہ فرعون جيان تاج ۽ تخت ڏنو وڃي، حڪومت، طاقت، قُوَّت ۽ مال ۽ دولت عطا ڪيو وڃي تہ شايد اسان بہ بغاوت ڪيون ۽ شايد فرعون کان بہ بہ وِڪون اڳتي نڪري وڃون. اڄڪلھ تہ ان جون مثالون تمام گهڻيون آهن، ۞ جنهن وٽ چار پيسا اچن ٿا، ان جون اکيون آسمان سان وڃي لڳن ٿيون ۞ سٺي نوڪري ملي وڃي تہ ماڻهو پوڙهي والدين کي ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏين ٿا ۞ غريب رشتيدارن کان پاسو ڪن ٿا ۞ چار لفظ ڳالهائڻ اچن تہ ٻين کي جاهل سمجهڻ شروع ڪيو ويندو آهي ۞ جيڪي ڪڏهن غُربت سبب تنگ ٿي رَوئي رَوئي الله پاڪ کان دُعائون گهري رهيا هوندا آهن، جيئن ئي انهن جي هٿ ۾ چار پيسا ايندا آهن، ٿوري خوشحالي ايندي آهي، الله پاڪ جي نافرمانين تي ايترا دلير ٿي ويندا آهن جو.. بَس الله پاڪ جي پناهہ! اِمامِ اهلسنّت، سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ اهڙن کي ڇڻ سمجهائيندي فرمائي رهيا آهن:

رِزْقِ خُدا کھایا کیا، فرمانِ حق ٹالا کیا | شُکرِ کرم، ترسِ سزا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں[1]

وضاحت: الله پاڪ جو ڏنل رِزق کائڻ...! الله پاڪ جي اَحڪام تي عَمَل نہ ڪرڻ...! اي نفس...! نہ نعمتن جو شُڪر، نہ قيامت جي ڏينهن جي سزا جو ڊپ...هي بہ نہ، هو بہ نہ.

---

[1] حدائقِ بخشش، صفحہ:111۔

## انڌي، ڪوڙهہ ۾ ورتل ۽ گنجي جي آزمائش

بُخاري شريف جي حديثِ پاڪ آهي: حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ راوي آهن، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بني اسرائيل ۾ 3 شخص هئا: (1): ڪوڙهہ(يعني جسم تي اڇي داغن) جو مريض (2):گنجو ۽ (3):انڌو.

قُدرت کي انهن ٽنهي جو امتحان وٺڻو هو، الله پاڪ انهن ٽنهي وٽ هڪ ملائڪ موڪليو. اُن ملائڪ ڪوڙهہ واري وٽ اچي چيو: توکي ڪهڙي شيء گهڻي پسند آهي؟ ڪوڙهہ واري چيو: سنو رنگ، خوبصورت جسم ۽ اُن بيماري جو خاتمو جنهن جي ڪري ماڻهو مون کي بُرو سمجهن ٿا. ملائڪ ان جي جسم تي هٿ ڦيريو تہ ان جي بيماري ختم ٿي وئي ۽ ان کي سنو، خوبصُورت جسم ڏنو ويو. ملائڪ ٻيهر پڇيو: توکي ڪهڙو مال وڌيڪ پسند آهي؟ چيائين: مون کي اُٺ گهڻا پسند آهن. ان کي 10 حامله ڏاچيون ڏنيون ويون. هاڻي ملائڪ ان کي مال ۾ برڪت جي دُعا ڏئي ۽ هليو ويو.

پوءِ ملائڪ گنجي وٽ اچي پڇيو: توکي ڪهڙي شيء گهڻي پسند آهي؟ گنجي ٻڌايو: بهترين وار ۽ اُن بيماري جو خاتمو جنهن سبب ماڻهو مون کان نفرت ڪن ٿا. ملائڪ هٿ ڦيريو تہ ان جي بہ بيماري ختم ٿي وئي ۽ ان کي بهترين وار ڏنا ويا. هاڻي ملائڪ پڇيو: توکي ڪهڙو مال گهڻو پسند آهي؟ چيائين: ڳئون. ملائڪ ان کي هڪ حامِلہ ڳئون ڏئي ۽ برڪت جي دُعا ڏئي اڳتي هليو ويو.

پوءِ ملائڪ انڌي وٽ اچي پڇيائين: توکي ڪهڙي شيء گهڻي پسند آهي؟ انڌي چيو: الله پاڪ مونکي اکيون موٽائي ڏئي تہ جيئن مان ماڻهن کي ڏسي سگهان. ملائڪ هٿ ڦيريو تہ ان جون اکيون روشن ٿي ويون. ملائڪ ٻيو سوال پڇيو: توکي ڪهڙو مال گهڻو پسند آهي؟ ان چيائين: ٻڪريون. ان کي حامله ٻڪري ڏني وئي.

هاڻي انهن ٽنهي جانورن ڦَرَ ڏنا، انهن جي مال ۾ خوب برڪت ٿي، اٺ واري جي اُٺن سان وادي ڀرجي وئي، ڳئون واري جي ڳئُون ۽ ٻڪري واري جي ٻڪرين ۾ به تمام گهڻو واڌارو ٿيو.

هاڻي ملائڪ ٻيهر واري واري سان انهن وٽ آيو، اهو شخص جيڪو پهريان ڪوڙهه جي بيماري ۾ مبتلا هو، ملائڪ ان وٽ هڪ ڪوڙهه واري انسان جي شڪل ۾ اچي چيو: مان هڪ محتاج شخص آهيان، مُسَافِر آهيان، مون وٽ سَفر جا اخراجات ختم ٿي چڪا آهن، توکي ان رَبّ ڪريم جو واسطو جنهن تو کي سٺو ۽ خوب صُورت رنگ عطا ڪيو آهي، مون کي هڪ اُٺ ڏئي ته جيئن مان پنهنجي منزل تي پهچي وڃان. اهو ٻڌي اڳوڻي ڪوڙهه جي مريض چيو: منهنجا خرچ گهڻا آهن (مان توکي ڪجهه نٿو ڏئي سگهان). ملائڪ چيو: شايد تون اهو ئي آهين جيڪو پهريان ڪوڙهه جو مريض هُئين، پوءِ الله پاڪ توکي سٺو رنگ، خوب صُورت جسم ۽ مال ۽ دولت عطا ڪيو. ان تي هو شخص ناشڪري ڪندي چوڻ لڳو: نه! نه! اهو مال ته منهنجي ابن ڏاڏن جو آهي، مون کي وراثت ۾ مليو آهي. ان تي ملائڪ چيو: جيڪڏهن تون ڪوڙو آهين ته الله پاڪ توکي پهريان جيان ڪري. پوءِ ملائڪ گنجي وٽ ويو، ان کان به اهڙائي سوال جواب ٿيا، ان به پهرين ماڻهوءَ وانگر ئي جواب ڏنا. آخر ملائڪ ان کي به چيو: جيڪڏهن تون ڪوڙو آهين ته الله پاڪ توکي پهريان جهڙو ڪري ڇڏي.

پوءِ ملائڪ ٽئين شخص وٽ ويو، اهو پهريان نابين هو، ملائڪ به ان وٽ نابين انسان جي شڪل ۾ ويو ۽ چيائين: مان محتاج آهيان، مُسَافِر آهيان، مون وٽ سَفر جو خرچ ختم ٿي ويو آهي، ان رَبّ ڪريم جو واسطو جنهن توکي اکيون موٽائي ڏنيون، مون کي هڪ ٻڪري ڏئي. ان شخص احسان فراموشي نه ڪئي بلڪ چيائين: ها! واقعي مان پهريان انڌو هئس، الله پاڪ مون کي بينائي عطا ڪئي، تون منهنجي مال مان جيترو چاهين کڻي وٺ. هاڻي ملائڪ چيو:

پنهنجو مال پاڻ وٽ رک! توهان ٽنهي کي آزمايو ويو هو، الله پاڪ توسان راضِي ٿيو ۽ باقِي ٻنهي کان ناراض آهي.(1)

## نعمت واري آزمائش ۾ ڪاميابي جو طريقو

حُجَّةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ ٻانهي کي سندس مَن پسند شيون عطا فرمائيندو ۽ انهن شين جي گهڻائي ڪندو آهي، انهن تمام شين جي ذريعي الله پاڪ ٻانهي جو امتحان وٺندو آهي ته هو ڪيئن الله پاڪ جي اَحڪامن جي حِفَاظت ڪري ٿو؟ الله پاڪ جن ڪمن کان منع ڪيو آهي، انهن کان ڪيئن بچي ٿو؟ نعمتون ملڻ جي صُورت ۾ الله پاڪ جي اِطَاعت ۽ فرمانبرداري ڪيئن ڪري ٿو؟ گُنَاهن کان ڪيئن بچي ٿو؟(2)

معلوم ٿيو جڏهن انسان کي نعمتن جي ذريعي آزمايو وڃي، ان جو امتحان ورتو وڃي ته ان امتحان ۾ ڪاميابي جي صُورت اها آهي ته انسان نعمتن جي ڪثرت تي فخر ۽ تڪبر جو شِڪار نه ٿئي، خُودپسندي جو شِڪار نه ٿئي، باغي نه ٿيِجي وڃي بلڪ الله پاڪ جو شُڪر ادا ڪري، الله پاڪ جي اَحڪام تي عَمَل ڪندو رهي، جن ڪمن کان الله پاڪ منع ڪيو آهي، اُنهن کان بچندو رهي، گُنَاهن کان پري رهي نيڪين ۾ زِندگي گذاري.

الله پاڪ اسان سڀني کي شڪر گذاري سان، الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تمام گهڻي فرمانبرداري ڪندي، نيڪين پري، بهترين زِندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ...بخاری، کتاب: احادیثُ الانبیا، باب: حدیث ابرص ...الخ، صفحہ:888، حدیث:3464۔

2 ...احیاء العلوم مترجم، جلد:3، صفحہ:242۔

## (3): مصيبتن جي ذريعي آزمائش جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! هن دُنيا ۾ اسان کي جن امتحانن ۽ آزمائشن مان گذرڻو پوندو آهي، ان جي ٽئين صُورت آهي: ڏُک، تڪليفون، غم ۽ پريشانيون. هيءَ اها صُورت آهي، جنهن کي عام طور تي آزمائش چيو ويندو آهي ۽ سمجهيو به ويندو آهي. ان آزمائش ۽ امتحان جي مختلف صُورتن جو بيان ڪندي سيپاري: 2، سورت بقره، آيت: 155 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ لَنَبْلُوَنَّكُمْ بِشَیْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَ الْجُوْعِ وَ نَقْصٍ مِّنَ الْاَمْوَالِ وَ الْاَنْفُسِ وَ الثَّمَرٰتِؕ وَ بَشِّرِ الصّٰبِرِیْنَۙ(۱۵۵)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ضرور اسان توهان کي آزمائينداسين ڪجهه ڊپ ۽ بک سان ۽ ڪجهه مالن ۽ جانين ۽ ميون جي گهٽتائي سان ۽ خوشخبري ٻُڌاءِ صبر ڪرڻ وارن کي.

هن آيت جي حوالي سان تفسير نعيمي ۾ آهي: اي مسلمانؤ! توهان بهترين اُمَّت آهيو ۽ وڏن جو امتحان به وڏو ئي ٿيندو آهي، ان ڪري ڪوڙ مضمونن ۾ توهان جو امتحان ٿيندو، ڪڏهن دُشمن جي خوف سان، ڪڏهن ڏڪار ذريعي، ڪڏهن فقر ۽ فاقي جي ذريعي، ڪڏهن مال ۾ گهٽتائي جي ذريعي، ڪڏهن اولاد، ماءُ پيءُ، عزيز رشتيدارن ۽ دوستن جي وفات جي ذريعي، ڪڏهن توهان جي باغات، ٻنين ۽ ميون وغيره ۾ گهٽتائي جي ذريعي، مطلب: توهان جي امتحان جا ايترا پرچا آهن، هر پرچي ۾ پُورا نمبر حاصِل ڪيو! [1]

## مصيبتن واري آزمائش ۾ ڪاميابي جو طريقو

پوءِ هن امتحان ۾ ڪاميابي جو ڪهڙو طريقو آهي، هن جو بيان به ان آيت

[1]…تفسير نعيمى، پاره:2، سورۂ بقره، هيٹ آيت:155، جلد:2، صفحہ:96 خلاصةً۔

۾ ٿيو آهي

وَبَشِّرِ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۵۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ خوشخبري ٻُڌاءِ صبر ڪرڻ وارن کي.

معلوم ٿيو: جڏهن مصيبت اچي، پريشاني اچي، ڏُک دَرد غم اچن تہ اُن امتحان ۾ ڪاميابي ڪيئن ملندي؟ شور مچائي نہ، روج راڙو ڪري نہ، نہ پريشانين جو هر هنڌ واويلو ڪري، بلڪ ان امتحان ۾ ڪاميابي ملندي صَبر ڪري، الله پاڪ جي رِضا تي راضِي رِهي.

الله پاڪ جي نبي حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي دَور مبارڪ جو واقعو آهي، هڪ شخص هزار دِرهم (يعني چاندي جي سِڪن) جي عيوض هڪ بلبل خريد ڪئي، اها بلبل گهڻو ٻولندي هئي، هڪ ڏينهن ان بلبل جي پڃري وٽ هڪ طوطو اچي ڪجھ چئي اڏامي ويو، بس ان کان پوءِ بلبل ٻولڻ ڇڏي ڏنو. هاڻي اهو شخص پنهنجو اهو مسئلو کڻي حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي خِدمت ۾ حاضِر ٿيو ۽ سڄي ڳالھ عرض ڪيائين. حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام ڇوتہ الله پاڪ جا نبي هئا ۽ ڪين پکين جي ٻولين جو عِلم ڏنو ويو هو، پاڻ بلبل کان پڇيو: تون ڇو خاموش آهين، ڳالهائين ڇو نٿي؟ بلبل عرض ڪيو: عالي جاھ! مان تہ پنهنجي وطن کي، پنهنجي اولاد کي ياد ڪري روئيندي هئس ۽ ماڻهو منهنجي ان روئڻ کي گيت سمجهندا هئا. مون کي طوطي سمجهايو تہ تنهنجي بي صبري ئي هن قيد جو سبب آهي، جيڪڏهن تون صبر ڪرين ۽ ماٺ ٿي وڃين تہ قيد مان آزاد ٿي ويندينءَ. بَس هاڻي مان نہ ڳالهائيندِيس.

حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام بلبل جي اها ڳالھ ٻڌي ان جي مالِڪ کي فرمايو: تون ان جي ڳالهائڻ کان نااُمّيد ٿي وڃ، هي هاڻي نہ ڳالهائيندي. اُن شخص جڏهن

اها ڳالھ ٻُڌي تہ چوڻ لڳو: پوءِ مون کي ان بلبل کي پالڻ ئي جي ڪھڙي ضرورت آھي، مان تہ ان جي آواز جو عاشِق ھئس، اھو چئي ان پڃرو کولي بلبل کي آزاد ڪري ڇڏيو.[1]

چپ رِہ سیں تاں موتی مل سَن، صبر کریں تاں ہیرے | پاگلاں وانگوں رولا پاویں نہ موتی نہ ہیرے

وضاحت: چُپ رَھندؤ تہ موتي ملندا، صبر ڪندؤ تہ ھيرا ملندا ۽ جيڪڏھن چرين وانگر شَور ڪندا رھندؤ تہ مصيبت کان ڇوٽڪارو ملي يا نہ ملي، موتي ۽ ھيرن (يعني ثوابِ آخرت کان ضرور) محروم ٿي ويندؤ.

## مصيبتن واري آزمائش جون حڪمتون

اي عاشقانِ رسول! اھي آزمائشون آھن جيڪي ڏُکن، تڪليفن ۽ پريشانين جي صُورت ۾ اچن ٿيون، اھي آزمائشون ڇو ٿيون اچن؟ ان جون حڪمتون ڪھڙيون آھن؟ ھن باري ۾ ھڪ ڳالھ ھميشہ ياد رکو! اھا ھي تہ ماڻھو بدلجڻ سان ان آزمائش جون حڪمتون بدلجي وينديون آھن، مثال طور ۞ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي خِدمت ۾ جيڪي تڪليفون ۽ پريشانيون حاضِر ٿينديون ھيون، انھن جون حڪمتون جُدا آھن ۞اولياءِ ڪرام جي خِدمت ۾ جيڪي تڪليفون ۽ پريشانيون آيون، انھن جون حڪمتون جُدا آھن ۞عام مسلمانن کي جن تڪليفن ۽ پريشانين جو منھن ڏيڻو پوندو آھي انھن جون حڪمتون جُدا آھن ۞گنھگارن کي جيڪي ڏک پھچن ٿا، انھن جون حڪمتون جُدا آھن.

حديثِ پاڪ ۾ آھي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: سڀ کان سخت آزمائش انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي ٿيندي آھي، پوءِ ان کان بعد درجہ بدرجہ ٻين ماڻھن جي، انسان پنھنجي دِين جي مطابق آزمايو ويندو آھي،

[1]…تفسير نعيمی، پاره:2، سورۂ بقره، هيٺ آيت:155، جلد:2، صفحہ:101۔

جيڪو دِين ۾ پختو هجي، ان جي آزمائش بہ سخت ٿيندي آهي ۽ جيڪو دِين ۾ ڪمزور هجي، ان جي آزمائش ان جي دِين جي مطابق ٿيندي آهي.[1]

## بارگاهِ انبياء ۾ ايندڙ آزمائشن جون حڪمتون

عالم سڳورا بارگاهِ انبياء ۾ حاضِر ٿيندڙ آزمائشن جون حڪمتون بيان ڪندي فرمائن ٿا: انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام ڪي عام ماڻهن جي نسبت گهڻو ثواب ملندو آهي، انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام ڪامِل ۽ اڪمل فضيلتن وارا آهن، انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي خدمت ۾ آزمائشون حاضِر ٿينديون آهن، تہ جيئن ماڻهو نبي سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جو صبر ۽ انهن جو الله پاڪ جي رضا ۾ راضِي رهڻ ڏسن ۽ انهن جي پيروي ڪن، انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام عام انسانن وانگر ناهن هوندا، انهن جا فضائِل گهڻا هوندا آهن، ڪين معجزا عطا ڪيا ويندا آهن، لِهٰذا انهن تي آزمائش بہ موڪلي ويندي آهي تہ جيئن ماڻهو انهن کي خُدا نہ سمجهن.[2]

## ولِي سڳورن کي پيش ايندڙ آزمائشن جون حڪمتون

اَولياءِ ڪرام جي خدمت ۾ حاضِر ٿيندڙ آزمائشن جي حڪمت ڪهڙي آهي، ان جو بيان ڪندي عَلَّامہ قرطبي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ پنهنجي پاڪيزه ٻانهن جي آزمائش فرمائيندو آهي تہ جيئن اهي فضيلتن ۾ ڪامِل ٿي وڃن، الله پاڪ وٽ انهن جا درجات بلند ٿين. حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ پنهنجي ولين کي هميشہ آزمائشن ۾ رکندو آهي تہ جيئن انهن جون دِليون هميشہ الله پاڪ ڏانهن متوجه رهن، انهن تي ڪڏهن غفلت طاري نہ ٿئي ۽ ان جو سبب اِهو آهي تہ الله پاڪ انهن سان محبت فرمائي ٿو ۽ اهي الله پاڪ سان

---

[1]...جامع صغير، صفحه:69، حديث:1054۔

[2]...فيضُ القدير، جلد:1، صفحه:662، هيٺ حديث:1054 خُلاصةً۔

محبت ڪندا آهن .[1]

## هڪ عبادت گذار جي آزمائش

حضرت وهب بن مُنَبِّہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان روايت آهي: ہہ عبادت گذار 50سالن تائين اللّٰه پاڪ جي عبادت ڪندا رهيا، پنجاهه سال جي آخر ۾ هڪ عبادت گذار کي هڪ خطرناڪ جسماني بيماري لڳي وئي، ان عبادت گذار روئيندي بارگاهِ اِلٰهي ۾ التجاء ڪئي: اي منهنجا پاڪ پروردگار! مون ايترا سال لاڳيتو تنهنجو حڪم مڃيو، تنهنجي عبادت ڪندو رهيس، پوءِ بہ مون کي ايڏي خطرناڪ بيماري ۾ مبتلا ڪيو ويو، ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟

اللّٰه پاڪ ملائڪن کي حڪم فرمايو: ان کي چئو! تو جيڪا عبادت ۽ رياضت ڪئي آهي، اها اسان ئي جي عطا ڪيل توفيق سان آهي، اها اسان جي احسان جو نتيجو آهي، باقِي رهي بيماري تہ ان ۾ توکي ان ڪري مبتلا ڪيو ويو آهي تہ جيئن تو کي نيڪ ماڻهن جو رُتبو ڏنو وڃي.[2]

| | |
|---|---|
| میری مشکلیں گر ترا امتحاں ہے | تو ہر غم قسم سے خوشی کا سماں ہے |
| گناہوں کی میرے اگر یہ سزا ہے | تو پھر مشکلوں کو مٹا میرے مولیٰ |

## ڪيئي آزمائشون گناهن جي ڪري ايندڙيون آهن

سيپاري 21، سورت رُوم، آيت: 41 ۾ اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| ظَهَرَ الۡفَسَادُ فِي الۡبَرِّ وَ الۡبَحۡرِ بِمَا كَسَبَتۡ اَيۡدِی النَّاسِ لِيُذِيۡقَهُمۡ بَعۡضَ | ترجمو ڪنزالعرفان: خشڪيءَ ۽ ترِيءَ ۾ فساد ظاهر ٿي ويو انهن برائين جي سبب جيڪي ماڻهن جي هٿن ڪمايون تہ جيئن اللّٰه |

1…فيض القدير، جلد:1، صفحہ:663، هيٺ حديث:1055 خلاصةً۔

2…عيون الحڪايات، صفحہ:196۔

| | |
|---|---|
| الَّذِیۡ عَمِلُوۡا لَعَلَّهُمۡ یَرۡجِعُوۡنَ ﴿۴۱﴾ | انهن کي انهن جي ڪجھ ڪمن جو مزو چکائي تہ جيئن اهي مڙي وڃن. |

هن آيت سڳوري ۾ ٻڌايو ويو تہ ڏڪار، برسات نہ وسڻ، پيداوار جي قلت، واپار جو نقصان، بي برڪتي، طرح طرح جون بيماريون، ساموندي طوفان ۽ مختلف آزمائشون گُنَاهن جي ڪري اينديون آهن. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: بيشڪ انسان گُنَاهن جي سبب رِزق کان محروم ڪيو ويندو آهي.[1]

## گناهن جي ڪري ايندڙ آزمائش جون ۾ حڪمتون

اي عاشقانِ رسول! هن آيت سڳوري جي آخر ۾ گُنَاهن جي ڪري ايندڙ آزمائشن جون بہ حڪمتون بيان ٿيون آهن:

(1): ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| لِيُذِيۡقَهُمۡ بَعۡضَ الَّذِیۡ عَمِلُوۡا (پاره:21، سورهٔ رُوم:41) | ترجمو ڪنزالعرفان: تہ جيئن الله انهن کي انهن جي ڪجھ ڪمن جو مزو چکائي. |

يعني تڪليفون، پريشانيون، مصيبتون، بيماريون، تنگ دستيون، بيروزگاريون جو اچن ٿيون؟ گُنَاهن جي سزا طور. لهٰذا جڏهن بہ ڪا مصيبت يا پريشاني اچي تہ غور ڪرڻ کپي تہ اسان کان ڪهڙو گُنَاهُ ٿيو جو جنهن جي سزا جي طَور تي اها پريشاني آئي آهي، ڪوڙ ماڻهو ايئن چوندي ٻڌا ويندا آهن: مولانا صاحِب! وڏا وِرد وَظِيفا ڪيا، سجدن ۾ ڪِري بہ رُناسين، ڪوڙ دُعائون گهريون پر پريشاني حَل نہ ٿي ٿئي. پيارا اسلامي ڀائرو! ڀهريان تہ اسان کي پاڻ کي نيڪ سمجهڻ ئي نہ گهرجي ۽ اهو بہ ياد رکو! اسان وسري وڃون ٿا پر الله پاڪ وسرڻ کان پاڪ

---

[1]…سنن ابن ماجہ، ڪتاب: الفتن، صفحہ:649، حديث:4022۔

آهي ۽ الله پاڪ وڏو مهربان آهي، الله پاڪ ڪافي پيرا اسان کي مهلت ڏيندو آهي، ڏيندو رهندو آهي، آخر جڏهن اسان توبہ ناهيون ڪندا تہ آزمائش ايندي آهي، ان ڪري پريشاني اچي تہ شڪوا ڪرڻ، روڄ راڙو ڪرڻ بدران اِنصاف سان ماضِيءَ ۾ جهاتي پائي ڏسو! ڪٿي ايئن تہ نہ آهي جو گهڻو عرصو اڳ اسان کان ڪو گُناهہ ٿي ويو هو، جنهن جي سزا هاڻي مِلي رهي آهي.

## 30 سالن کان بعد بدنِگاهي جي سزا ملي

مُلڪ شام جو رهاڪو هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: هڪ ڀيري هڪ اَمرَد (يعني خُوبصُورت ڇوڪري) تي منهنجي نِگاهہ پئي، مون ان کي ڏٺو تہ ان کي ڏسندو ئي رهيس، ايتري ۾ حضرت اِبنِ جَلاء دمشقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آيو، ان منهنجو هٿ پڪڙيو تہ مون کي سندن کان حياءُ آيو، ان منهنجي هٿ کي زور ڏيندي فرمايو: توهان کي ڪجهہ عرصي کان پوءِ هن گُناهہ جي سزا ملندي. اهو شامي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: مون کي 30 سالن کان پوءِ ان گُناهہ جي سزا ملي.

| | |
|---|---|
| میری مشکلیں گر تِرا امتحاں ہے | تو ہر غم قسم سے خوشی کا سماں ہے |
| گناہوں کی میرے اگر یہ سزا ہے | تو پھر مشکلوں کو مٹا میرے مولیٰ |

(2): سيپارو:21، سُورت رُوم جي آيت:41 جيڪا اسان ٻُڌي، ان ۾ آزمائش جي ٻي حڪمت اها بيان ٿي:

| | |
|---|---|
| لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۴۱﴾ | ترجمو ڪنزالعرفان: تہ جيئن اهي مڙي وڃن. |

يعني اهي مصيبتون، پريشانيون غافِلن کي غفلت مان جاڳائڻ جي لاءِ اچن ٿيون، ان ڪري اچن ٿيون تہ جيئن ماڻهو رجوع ڪن، تَوبہ ڪن ۽ الله پاڪ جا نيڪ ۽ فرمانبردار ٻانها بڻجي وڃن. معلوم ٿيو تڪليف اچي، پريشاني اچي، مصيبت اچي تہ تَوبَہ ڪرڻ گهرجي، الله پاڪ ڏانهن رجُوع ڪرڻ گهرجي، گُنَاهہ

ڇڏي نيڪين ڏانهن وڌڻ گهرجي پر افسوس! اسان تي مصيبت اچي، اسان تي پريشاني اچي، ڪنهن عزيز جو موت ٿئي، تنگدستي ٿئي، روزگار بند ٿي وڃي تہ ماڻهو اُلٽو گُنَاهن جي طرف وڌندا آهن، مَعَاذَ الله! الله پاڪ تي اعتراض ڪندا آهن، شڪوا ڪندا آهن، نمازن ڪان پري ٿي ويندا آهن، غور ڪيو! معاشري ۾ ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن ۞ جن جو ڪو عزيز فوت ٿي وڃي تہ اهي غُسل، ڪفن ۽ جنازي جي مَصرُوفيتن ۾ نمازون قضا ڪندا آهن۞ روج راڙو ڪندا آهن ۞غُربت اچي تہ روئيندا رهندا آهن، مَعَاذَالله! ماڻهن جي سامهون الله پاڪ ڪان شڪوا ڪندا آهن .

افسوس! پريشانيون، مصيبتون اينديون آهن غفلت مان جاڳائڻ جي لاءِ پر اسان ويتر غفلت جو شِڪار ٿي ويندا آهيون، اهڙا ماڻهو بہ اسان جي معاشري ۾ موجود آهن، جن جو ڪاروبار بند ٿي وڃي، تنگدستي ٿي وڃي تہ مسجد جي امام صاحب کي چوندا آهن: مولانا صاحب! ڪاروبار بند ٿي ويو آهي، ڪو وظيفو ٻڌايو! جڏهن امام صاحب وظيفو ٻڌائي چوندو آهي: اهو وظيفو فجر کان بعد پڑهڻو آهي تہ وڏي شرمساري سان چوندا آهن: مولانا صاحِب! فجر نٿي پڑهجي، ڪو ٻيو وظيفو ٻڌايو. الامان والحفيظ! مصيبت آئي آهي، پريشاني آئي آهي، اها تہ غفلت مان جاڳائڻ جي لاءِ آهي، اها تہ نيڪين ڏانهن وني وڃڻ جي لاءِ آهي، اها تہ ان ڪري آئي آهي تہ جيئن تَوبہ ڪري ونو، مرڻ کان پهريان گُنَاه ڇڏي ڏيو، الله پاڪ سان ناطو جوڙي ونو، ڇا اڄا بہ فجر نہ پڑهي ويندي، ڇا هاڻي بہ ڳائڻ وڄائڻ هلندو رهندو، ڇا اڄا بہ فضوليات ۾ مَصرُوفيت رهندي.
الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَلَوْلَاۤ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَا تَضَرَّعُوْا وَ لٰكِنْ قَسَتْ قُلُوْبُهُمْ | ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ ائين چونہ ٿيو جو جڏهن انهن تي اسان جو عذاب آيو تہ ٻاڏائين ها پر |

(پاره:7، سورۃ اَنعام:43)
انهن جون تہ دليون سخت ٿي چڪيون هيون.

يعني اسان انهن کي ڏڪار، بُک، بيمارين وغيره ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو تہ جيئن اهي انهن مصيبتن جي ڪري اسان جي در تي اچن، اسان جي بارگاهہ ۾ ٻاڏائن، اسان جي رسولن جي پيروي ڪن تہ اهي ماڻهو اسان جي در تي ٻاڏائيندي ڇو نٿا اچن؟ ڇا انهن کي اسان جي رحمت جي ضرورت ناهي؟ ڇا اسان پنهنجو در اُنهن جي لاءِ بند فرمايو هو؟ ڇا انهن کي اسان جي دَر تي اچڻ ۾ ڪجهہ خرچ ڪرڻو پوي ٿو؟ نہ، انهن تي دروازو بند نہ ڪيو ويو، پوءِ بہ انهن ائين نہ ڪيو، نہ اهي اسان جي رسول (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا فرمانبردار بڻيا، نہ انهن مصيبتن کان انهن جون اکيون کليون، ڇو؟ ان ڪري جو انهن جون دليون سخت ٿي چڪيون آهن.[1]

الله پاڪ اسان سيني کي هر حال ۾ صبر ۽ شُڪر جو پيڪر بڻجي رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## بيان جو خُلاصو

اي عاشقانِ رسول! اهي آهن آزمائشون.. ڪيتري قسمن جون آهن؟ ٽن قسمن جون: (1):شرعي اَحڪام (2): مختلف نعمتون (3): ڏُک، دَرد ۽ پريشانيون. شَرعِي اَحڪام وارين آزمائش ۾ ڪاميابي جو اهو طريقو آهي تہ اسان پُوري زِندگي شريعت تي عمل پيرا رهون، خوشين ۽ نعمتن جي ذريعي جيڪا آزمائش ٿيندي آهي، ان ۾ ڪاميابي جو طريقو اِهو آهي تہ اسان الله پاڪ جو شُڪر ادا ڪيون ۽ مصيبت، پريشاني وغيره جي صُورت ۾ جيڪا آزمائش ايندي آهي، ان ۾ ڪاميابي جو طريقو اهو آهي تہ اسان تَوبہ ڪيون، گُنَاهہ ڇڏي ڏيون، نيڪين ڏانهن وڌون ۽ صَبر جو دامن هٿ مان وڃڻ نہ ڏيون. الله پاڪ اسان سيني کي

[1]...تفسير نعيمى، پاره:7، سورۃ انعام، هيٺ آيت:43۔

عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! علمِ دين سکڻ، نيڪين جو جذبو وڌائڻ، گُنَاهن کان بچڻ، سنو ۽ باڪردار مسلمان بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، ذيلي حلقي جي 12 دِيني ڪمن ۾ بہ خُوب وڌي وڌي حِصّو وٺو. اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! دِين ۽ دُنيا جون بيشمار ڀلائيون نصيب ٿينديون.

ذيلي حلقي جي 12 دِيني ڪمن مان هڪ دِيني ڪم آهي: مدني قافلو. الحمد للّٰه! عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سَفَر جي برڪت سان مصيبتون دور ٿيڻ، پريشانيون ختم ٿيڻ، گناهن جون عادتون ختم ٿيڻ جون مدني بهارون ٻڌڻ لاءِ ملنديون رهن ٿيون.

## 19 سال پُراڻو مرض

ڪراچي (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مان تقريبًا 19 سال کان ساهه جي مرض ۾ مبتلا هئس، ان ڪري مان تمام گهڻو پريشان هئس، دوائن سان وقتي طَور تي آرام تہ اچي ويندو هو پر مستقل سڪون نہ ملندو هو. منهنجي خوش قسمتي جو ان دوران عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ شرڪت جي سعادت ملي. مدني قافلي جي برڪت سان منهنجا ڏينهن رات عبادتِ اِلٰهي ۾ گذريا ۽ عِلمِ دين سکڻ جو موقعو مليو ۽ ان سان گڏوگڏ الحمد للّٰه! انهن 3 ڏينهن ۾ مون کي نہ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ جي ضرورت پيش آئي، نہ انجڪشن لڳرائي. اللّٰه پاڪ جي ڪرم سان 3 ڏينهن جي مدني قافلي جي برڪت سان منهنجي 19 سال پُراڻي مرض ۾ ڪافي بهتري آئي. (مفلوج کی شفایابی کا راز، صفحہ:12)

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو! | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو!
دُکھ کے دَرماں ملیں، آئیں گے دِن بھلے | ختم ہوں گردشیں قافلے میں چلو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ويهڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪي ماڻهو دير تائين ڪنهن هنڌ ويٺا ۽ بنا ذِڪرُ الله ۽ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود پڙهي اتان ڪان متفرق (يعني جُدا جُدا) ٿي ويا، انهن نقصان ڪيو، الله پاڪ چاهي عذاب ڏئي ۽ چاهي ته بخشي ڇڏي.[2]

ويهڻ جون سنتون: ۞ حضرت ابنِ عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا فرمائن ٿا: مون رحمت عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪعبه شريف جي صحن ۾ اِحتِبَاء جي صُورت ۾ تشريف فرما ٿيندي ڏٺو. (اِحتِباء جو مطلب هي آهي ته انسان سُرين تي ويٺو هجي ۽ پنهنجي ٻنهي پنين کي ٻنهي هٿن ذريعي پڪڙي، هن طرح ويهڻ عاجزي ۾ شُمار ٿئي ٿو)

---

[1]…مشکوة،کتاب:الايمان،باب:الاعتصام،جلد:1،صفحه:55، حديث175۔

[2]…مستدرک، جلد:2، صفحه:168، حديث:1869۔

۞ حُضُور نور وارا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن نمازِ فجر پڙهندا هئا ته چارزانو (يعني پالٿي ماري) ويهندا هئا، ايستائين جو سج چڱي طرح اُڀري ويندو هو. ۞ حُضُورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪنهن مجلس ۾ ڪنهن پاسي پير ٽيڙي نه ويهندا هئا، نه اولاد ڏانهن، نه ازواجِ پاڪ ڏانهن، نه غُلامن ڏانهن ۞مبلغ ۽ مُدَرّس جي لاءِ بيان ۽ تدريس دوران سُنّت هي آهي ته پٺ قبلي ڏانهن رکي ته جيئن انهن ڪان علم جون ڳالهيون سکڻ وارن جو رُخ قبلي ڏانهن ٿي سگهي.

**ويهڻ جا آداب:** ۞دو زانو (يعني جهڙي طرح نماز ۾ اَلتّحِيات ۾ ويهبو آهي، اهڙي طرح ويهڻ) اَفضَل آهي ۞حضرت ابنِ عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا اڪثر قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا ۞اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پير ۽ اُستاد جي ويهڻ جي جڳهه تي انهن جي غير موجودگي ۾ به نه ويهي. ۞ جڏهن ڪنهن اجتماع يا مجلس ۾ اچو ته ماڻهن کي اورانگهي اڳتي نه وڃو، جتي جڳهه ملي اتي ويهي رهو ۞جڏهن ويهو ته جوتا لاهي وٺو اوهان جا پير آرام ڪندا ۞جڏهن به ويهو ته پردي واري جڳهن جي ڪيفيت نظر نه اچڻ گهرجي، لهٰذا ”پردي ۾ پردي“ جي لاءِ گوڏن کان قدمن تائين چادر وجهو، جيڪڏهن ڪرتو سُنّت مطابق اڌ پني تائين هجي ته ان جي دامن سان به ”پردي ۾ پردو“ ڪري سگهجي ٿو.[1]

سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]...550 سنتيں اور آداب، صفحہ:8 تا 11 خُلاصۃً۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ
الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[(1)]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[(2)]

---

[1]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون،ص151ملخصًا
[2]...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاۃ الحاديۃ عشرۃ، ص 65

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ الله

حضرت اَحمدصاوِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪجهه بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو

---

[1]...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[3]

## (2) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ

---

[1]...القول البديع،الباب الاول،ص125

[2]... الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

[3]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

## الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 پيرا پڙهيو تہ ان چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]… تاريخ ابنِ عساکر،155/19،حديث:4415